# عَفوو دَرگُذَر جي فضيلت
# ۽
# هڪ اهم مدني وصيت




- فتاويٰ رضويه جا اهم اقتباس 12
- دعوت اسلامي کان الڳ ٿيڻ وارن لاءِ اتمامِ حُجت 15
- يا الله عَزَّوَجَلَّ! تون گواهه رهجان 17
- غيبت جي خلاف اعلانِ جنگ 19
- مدني اِلتجا 21



شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

مُحَمَّد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

جن جو اُردو زبان ۾ رسالو

# عفوو درگذر جي فضيلت

ءُ

## هڪ اهم مدني وصيت

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# عفو و درگذر جي فضيلت

## هڪ اهم مدني وصيت

شيطان پلي ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو، اِنۡ شَاءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اوهان جي دل انهن فضيلتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ بي چين ٿي ويندي.

## درود شريف جي فضيلت

سَرڪارِ مدينہ منوره، سردار مڪہ مڪرمہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ برڪت نشان آهي: ”اي اِنسانو! بيشڪ قِيامت جي ڏينهن ان جي دَهشَتن ۽ حِساب ڪتاب کان جلد نجات حاصل ڪرڻ وارو شخص اهو هوندو، جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا.“ (مسند الفِردوس ج 5 ص 375 حديث 8210)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو عفوءِ درگذر

حضرت سيّدُنا اَنس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو بيان آهي تہ مان نبي ڪريم، رؤفٌ رّحيم عَلَیۡہِ اَفۡضَلُ الصَّلٰوۃُ وَالتَّسۡلِیۡم سان گڏ هلي رهيو هئس، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي هڪ نجراني چادر اوڍيل (يعني پاتل) هئي، جنهن جا پاسا ٿلها ۽ کُهرا هئا، هڪدم هڪ بَدوِي (يعني عرب شريف جي ڳوٺاڻي) پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي چادر مبارڪ کي پڪڙي ايتري زور سان جهٽڪو ڏئي ڇڪيو جو سُلطانِ زَمَن، مَحبُوبِ ربِّ ذوالمِنَن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪنڌ مبارڪ تي چادر جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

ڪنارن سان رَهڙ اچي وئي، اهو چوڻ لڳو: **الله** عَزَّوَجَلَّ جو جيڪو مال پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم فرمائين ته مون کي ان مان ڪجهه ملي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ڏانهن مُتوَجّهه ٿي مُسڪرائڻ لڳا، پوءِ ان کي ڪجهه مال عطا ڪرڻ جو حڪم ڏنائون. (صَحِيح بُخاري ج 2 ص 359 حديث 3149)

ہر خطا پر مری چشم پوشی، ہر طلب پر عطاؤں کی بارش
مجھ گنہگار پر کس قدر ہیں، مہرباں تاجدارِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ بَدوِي سان ڪهڙو نه سهڻو سلوڪ فرمايو. مِنِي مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ديوانؤ! ڪوبه اوهان کي ڪيترو به ستائي، دِل ڏکائي! **عَفو و دَرگذر** (يعني معاف ڪرڻ) کان ڪم وٺو ۽ ان سان مَحبَّت ڀريي سُلوڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

## حساب ۾ آساني جا ٽي سبب

حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ٽي ڳالهيون جنهن شخص ۾ هونديون، **الله تعاليٰ** قِيامت جي ڏينهن ان جو حِساب تمام آساني سان وٺندو ۽ ان کي پنهنجي رَحمت سان جنَّت ۾ داخل فرمائيندو. صحابهءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: **يَا رَسولَ الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن. ارشاد فرمايائون: ﴿1﴾ جيڪو توهان کي مَحرُوم ڪري، توهان ان کي عطا ڪريو ۽ ﴿2﴾ جيڪو توهان کان

﴾3﴿ ۽ جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙي (يعني تعلّق ٽوڙي) توهان ان سان جوڙيو ۽ جيڪو توهان تي ظلم ڪري، توهان ان کي معاف ڪريو.
(اَلمُعجَم الاَوسط لِلطبَراني ج 4 ص 18 حديث 5064)

## جنتي محل

حضرت سيّدنا اُبَي بِن ڪَعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ ڪَون و مَڪان، رحمتِ عالَميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن کي اهو پسند هجي تہ ان جي لاءِ (جنّت ۾) مَحل ٺاهيو وڃي ۽ ان جا درجا بُلند ڪيا وڃن تہ ان کي گهرجي تہ جيڪو ان تي ظُلم ڪري، اهو ان کي مُعاف ڪري ۽ جيڪو ان کي مَحرُوم ڪري تہ اهو ان کي عطا ڪري ۽ جيڪو ان سان قطع تعلُّق ڪري تہ اهو ان سان ناتو جوڙي. (اَلمُستَدرڪ للحاڪم ج 3 ص 12 حديث 3215)

## معاف ڪرڻ سان عزت وڌندي آهي

خاتَمُ المُرسَلِيَن، رحمةٌ للعٰلَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”صَدقو ڏيڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو ۽ ٻانهو ڪنهن جو ڏوهہ مُعاف ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان (معاف ڪرڻ واري) جي عزت ئي وڌائيندو ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ تَواضُع (يعني عاجزي) ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بلند فرمائيندو.“ (صَحيح مُسلم ص 1397 حديث 2588)

## معزز ڪير؟

حضرت سيّدنا مُوسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالتَّسْلِیْم جن عرض ڪيو: اي رب اعليٰ عَزَّوَجَلَّ! تو وٽ ڪهڙو ٻانهو وڌيڪ عِزّت وارو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: ”اهو جيڪو بدلو وٺڻ جي طاقت هئڻ جي باوجود بہ مُعاف ڪري.“ (شُعب الايمان ج 6 ص 319 حديث 8327)

## جيڪو معاف ناهي ڪندوان ڪي معاف نہ ڪيو ويندو

حضرت سَيِّدُنا جَرير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمتِ عالَم، نورِ مُجَسّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو رحم ناهي ڪندو ان تي رحم ناهي ڪيو ويندو ۽ جيڪو مُعاف ناهي ڪندو ان کي مُعاف نہ ڪيو ويندو.
(مُسند امام احمد ج 7 ص 71 حديث 19264)

## دنيا ۽ آخرت جا افضل اخلاق

حضرت سيّدنا عُقبہ بِن عامِر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ چون ٿا تہ مون کي رحمت عالميان، سروَرِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مُلاقات جو شَرف حاصل ٿيو تہ جلدي حُضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هٿ مُبارڪ پڪڙي ورتم، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ منهنجي هٿ کي جلدي سان پڪڙيو، پوءِ فرمايائون: ”اي عُقبہ! دنيا ۽ آخرت جا افضل اَخلاق هي آهن تہ تون ان کي ملاءِ جيڪو توکي جُدا ڪري ۽ جيڪو تو تي ظُلم ڪري، ان کي مُعاف ڪري ڇڏ، ۽ جيڪو هي چاهي تہ منهنجي عمر ۾ اضافو ۽ رزق ۾ ڪُشادگي ٿئي تہ اهو پنهنجي رشتيدارن سان صلہ رحمي (يعني سهڻو سُلوڪ) ڪري. (اَلمستدرَڪ لِلحاڪم ج 5 ص 224 حديث 7367)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

## معاف ڪريو معاف ڪيا ويندؤ

**سرڪارِ مدينہ مُنَوَّره، سردارِ مَڪہ مُڪرمہ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”رحم ڪندا ڪريو توهان تي رَحم ڪيو ويندو ۽ مُعاف ڪرڻ اختيار ڪريو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ توهان کي مُعاف ڪري ڇڏيندو.“ (مُسند امام احمد ج 2 ص 682 حديث 7062)

ہم نے خطا میں نہ کی تم نے عطا میں نہ کی
کوئی کمی سرورا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## معاف ڪرڻ وارن جي بنا حساب جي بخشش

**حضرت سَيِّدُنا اَنس** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن اِرشاد فرمايو:** قِيامت جي ڏينهن اِعلان ڪيو ويندو تہ جنهن جو اَجر **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم جي ذِمي آهي، اهو اُٿي ۽ جنّت ۾ داخل ٿي وڃي. پڇيو ويندو: ڪنهن جي لاءِ اَجر آهي؟ اهو مُنادِي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) چوندو: **”انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي مُعَاف ڪرڻ وارا آهن.“** تہ هزارين ماڻهو اُٿي بيهندا ۽ بِنا حِساب جي جنّت ۾ داخل ٿي ويندا. (اَلْمُعجَم الاَوسَط ج 1 ص 542 حديث 1998)

## قاتلاڻي حملي جي ڪوشش ڪرڻ واري کي معاف ڪري ڇڏيائون

**دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 862 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”سيرتِ مصطفيٰ“ جي صفحي 604**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** (ابن عدي)

**ڪان 605 تي آهي:** هڪ سفر ۾ نبيِ معَظّم، رسولِ محترم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن آرام فرمائي رهيا هئا تہ غَورَث بِن حارِث، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي شهيد ڪرڻ جي ارادي سان پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي تلوار مِياڻ مان ڪڍي ورتي. جڏهن سرڪارِ نامدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ننڊ مان اٿيا تہ غَورَث چوڻ لڳو: "اي مُحمد (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)! هاڻي اوهان کي مون کان ڪير بچائي سگهي ٿو؟ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "الله." نُبوَّت جي رُعب جي ڪري ان جي هٿ مان تلوار ڪري پئي ۽ سرڪارِ عالي وَقار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تلوار هٿ مُبارڪ ۾ کڻي فرمايو: هاڻي توکي منهنجي هٿان ڪير بچائڻ وارو آهي؟ غَورَث التجا ڪندي چوڻ لڳو: اوهان ئي منهنجي جان بچايو. رحمتِ عالَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان کي مُعاف ڪري ڇڏي ڏنو. غَورَث پنهنجي قوم ۾ اچي چوڻ لڳو: "اي انسانو! مان هڪ اهڙي شخص ڪان ٿي آيو آهيان جيڪو دنيا جي سيني انسانن ۾ سڀ ڪان بهتر آهي." (الشفا ج 1 ص 106)

سلام اُس پر کہ جس نے خوں کے پیاسوں کو قبائیں دیں
سلام اُس پر کہ جس نے گالیاں سن کر دعائیں دیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ظلم ڪرڻ وارن جي لاءِ هدايت جي دعا

**غزوه اُحد** ۾ جڏهن مديني جي سلطان، رَحمتِ عالَميان، سروَرِ ذيشان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مُبارڪ ڏندن کي شهيد ۽ نوراني چهري کي زخمي ڪيو ويو تڏهن بہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

انهن ماڻهن جي لاءِ هن دعا ڪانسواءِ ڪجهه به نه فرمايو ته اَللّٰهُمَّ اهْدِ قَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ يعني: اي منهنجا الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي قوم کي هدايت ڏي ڇوته اهي ماڻهو مون کي نه ٿا سڃاڻين. (الشفاء ج 1 ص 105)

سويا ڪئے نابڪار بندے
رويا ڪئے زار زار آقا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جادو ڪرڻ واري سان درگذر ڪرڻ

رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي لَبِيد بِن اَعْصَم جادو ڪيو ته رحمتِ عالَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جو بدلو نه ورتو. پڻ ان يهودياڻي کي به مُعاف ڪري ڇڏيائون، جنهن پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي زهر ڏنو هو.
(اَلْمَواهِبِ اللَّدُنِّيَه لِلْقسطلّاني ج 2 ص 91)

کیوں میری خطاؤں کی طرف دیکھ رہے ہو
جس کو ہے مِری لاج وہ لجپال بڑا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اُمُّ المُؤمِنِين، حضرت سيّدَتُنا عائشه صِدِّيقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون ته منهنجا سرتاج، صاحبِ مِعراج، محبوبِ ربّ بي نياز صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه عادةً خراب ڳالهيون ڪندا هئا ۽ نه ئي تَڪلُّفًا، ۽ نه بازارن ۾ گوڙ ڪرڻ وارا هئا ۽ نه ئي برائي جو بدلو برائي سان ڏيندا هئا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

بلڪ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معاف ۽ درگذر ڪري ڇڏيندا هئا.
(سُنن تِرمذي ج 3 ص 409 حديث 2023)

## روزانو ستر ڀيرا معاف ڪريو

**هڪ شخص** بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: **يارسولَ الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان نوڪر ڪي گهڻا ڀيرا معاف ڪريون؟ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **خاموش رهيا**، ان وري اهو **سوال پڇيو**، پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري **خاموش رهيا**، **جڏهن** ٽيون ڀيرو سُوال ڪيائين تہ ارشاد فرمايائون: روزانو سَتَّر (70) ڀيرا.
(سُنن تِرمِذي ج 3 ص 381 حديث 1956)

**مُفسّرِ شهير حڪيمُ الاُمت حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان ان حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: **عربيءَ ۾** "سَتَّر" جو لفظ زيادتي بيان ڪرڻ جي لاءِ هوندو آهي، يعني هر روز ان ڪي گهڻو معاف ڪريو. اهو ان صُورت ۾ جڏهن تہ غلام ڪان ڀل ۾ غَلطي ٿي ويندي هجي، نفس جي شرارت جي ڪري نہ هجي ۽ قصور بہ مالڪ جو ذاتي هجي، شَرِيعت، قومي ۽ ملڪي قصور نہ هجي جو اهي قصور مُعاف نہ ٿا ڪري سگهجن. (مرأة ج 5 ص 170)

## گارين وارن خطن تي اعلىٰ حضرت جو عفوء درگذر

**ڪاش! اسان** ۾ اهو جذبو پيدا ٿي وڃي تہ اسان پنهنجي ذات ۽ پنهنجي نفس جي خاطر **ڪاوڙ ڪرڻ** ئي ڇڏي ڏيون. جهڙي طرح اسان جي بزرگن جو جذبو هوندو هو تہ انهن تي ڪوبہ ڪيترو ئي ظلم ڪري، اهي نيڪ ٻانها ان ظالم تي بہ شفقت ئي فرمائيندا هئا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

جيئن "حياتِ اعليٰ حضرت" ۾ آهي: منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن جي خدمت ۾ هڪ پيرو جڏهن ٽپال پيش ڪئي وئي ته ڪجهه خط مُغَلَّظات (يعني گندين گارين) سان ڀريل هئا. عقيدت مندن ڪاوڙجي (غصي) ۾ چيو ته اسان انهن ماڻهن جي خلاف ڪيس داخل ڪنداسين. امامِ اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن ارشاد فرمايو: جيڪي ماڻهو تعريفي خط لکن ٿا، پهريائين انهن ۾ جاگيرون ورهايو، پوءِ گارين لکڻ وارن تي ڪيس داخل ڪريو. (حيات اعلیٰ حضرت ج 1 ص 143 مُلخصاً) مطلب هي ته جڏهن تعريف ڪرڻ وارن کي اِنعام نه ٿا ڏيون ته پوءِ بُرائي ڪرڻ وارن کان بدلو ڇو وٺون!

احمد رضا کا تازہ گلستاں ہے آج بھی
خورشیدِ علم اُن کا درخشاں ہے آج بھی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَي الله اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ اهم مدني وصيت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! منهنجي عمر هن تحرير (يعني لکت) تائين 60 سال ٽي چڪي آهي. موت هر گهڙي ويجهو ٿيندو پئي وڃي، خبر ناهي ته ڪڏهن اکيون بند ٿي وڃن. اللّٰه رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي عاليشان دربار ۾ اِيمان جي سلامتي، موت، قبر ۽ حشر ۾ امن امان، بي حساب بخشش ۽ جَنّتُ الفِردَوس ۾ مدني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

جن جي پاڙي جو طلبگار آهيان. مان پنهنجي مُختصر زندگي ۾ دنيا جا گهڻا نشيب و فراز (يعني لاها چاڙها) ڏٺا آهن. اِخلاص گهٽ ۽ ڏيکاءُ گهڻو، وفا گهٽ ۽ خوشامد خَطِير (يعني گهڻي) آهي، ان کان وڌ ٻه کهڙي بيوفائي ٿي سگهي ٿي جو اهي ماءُ پيءُ جنهن جا هزارين اِحسان ٿيل هوندا آهن، پر انهن جي ڪا هڪ معمولي ڳالهه ٻه ناپسند لڳندي آهي ته سڀ اِحسان وِساري، نافرمان اولاد انهن کي ڏکاري ڇڏيندو آهي! هاءِ! بدبخت شيطان، دِلين ۽ ذهنن ۾ تمام گهڻيون خرابيون وجهي ڇڏيون آهن. **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** ۾ لکين مسلمان شامل آهن جيئن ته عام طور تي تنظيمن ۾ ماڻهن جو اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو آهي، اهڙي طرح **دعوت اسلامي** کان رُسِي، ڪن ماڻهن کي الڳ ٿيندي ڏٺو آهي. **مدَني ماحول** کان پري ٿيڻ کان پوءِ ڪِن جي بُرن عَملَن جو سلسلو ٻه سامهون آيو آهي. ڪِن ناراض اسلامي ڀائرن پنهنجا الڳ **"گُروپ"** ٻه ٺاهيا آهن. ڪِن منهنجي خلاف گهڻو ڪجهه ڳالهايو، لکيو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مرڪزي مجلسِ شُوريٰ جي ٻه دِل کولي مخالفت ڪئي آهي پر **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ اهي سڀئي لکڻ تائين **دعوتِ اسلامي** لاڳيتو ترقي جون منزلون طئي ڪري رهي آهي ۽ ڪوبه گروپ بظاهر **دعوتِ اسلامي** کان اڳتي ته ڇا، پر برابري ٻه ڪري نه سگهيو آهي. مون تنظيمي ڪمن ۾ زندگي جو ڪافي حصو گذاريو آهي، ان ڪري پنهنجي تجربن جي روشني ۾ سيني اِسلامي ڀائرن ۽ اِسلامي ڀينرن جي خدمتن ۾ صرف آخرت جي ڀلائي جي پيشِ نظر هٿ ٻڌي **مدَني وَصيت** ڪريان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

ٿو: منهنجي هي ڳالهہ هميشہ جي لاءِ پنهنجي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو تہ منهنجي حياتي ۾ بہ ۽ منهنجي مرڻ کان پوءِ بہ **دعوتِ اسلامي** ۾ هڪ پيرو شامل ٿيڻ ڪانپوءِ **دعوتِ اسلامي** جو تَشَخُّص (**مثال طور:** سَبز عِمامو شريف وغيره) رکندي، طريقي ڪار کان هٽي، هرگز ڪنهن بہ قِسم جو "مُتوازي گُروپ" نہ ناهجو، دين جي ڪم جي حوالي سان بہ جيڪڏهن اوهان کي پنهنجو الڳ سلسلو شروع ڪيو تہ غيبتن، تهمتن، بدگمانين، دل آزارين، پاڻ ۾ دشمنين، يا باهمي نفرتن وغيره وغيره کان پاڻ کي بچائڻ گهڻو ڪري ناممڪن ٿي پوندو، بلڪ ٿي سگهي ٿو تہ بيشمار مسلمان اهڙي قسم جي آفتن جي ور چڙهي ويندا آهن. جيڪڏهن ڪو اهو سمجهي تہ **دعوتِ اسلامي** کان الڳ ٿيڻ کان پوءِ جدا گروپ ناهي مان تہ فُلان فُلان دين جو تمام اهم ڪم سرانجَام ڏنو آهي تہ مان ان جو ڏيان ان پاسي ڇڪائڻ چاهيندس تہ هو اهو بہ سوچي وٺي تہ جدا ٿيڻ جي ڪري ڪيتي **غيبتن** وغيره گناهن جي نحوست ۾ تہ نہ وڃي ڦاٿو هو؟ جيڪڏهن ڦاٿو نہ هو تہ پوءِ ان کي لک ڪروڙ مبارڪون هجن! ۽ جيڪڏهن ڦاٿو هو تہ پوءِ پنهنجي ضمير کان ئي پڇي تہ منهنجي فلاڻي فلاڻي مُستَحَب ديني ڪمن جو وزن وڌيڪ يا انهن دِيني ڪمن جي سلسلي ۾ جن غيبتن وغيره حرام شين ۾ مبتلا ٿيس، انهن جو وزن وڌيڪ؟ جيڪڏهن دل ۾ خوفِ خدا آهي، علمِ دين جو فيضان رهيو ۽ ضميرزندهہ رهيو تہ اهو ئي جواب ملندو تہ يقينًا پوري زندگي جي مُستَحَب ڪمن جي مُقابلي ۾ رڳو هڪ پيرو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

ڪيل گناهن پري غِيبت ئي وڏيڪ وزني آهي. **مُستَحب** ڪم نہ ڪرڻ تي عذاب جي ڪا وعيد ناهي، **جڏهن** تہ غيبت تي عذاب جو اِستِحقاق (حقدار هئڻ) آهي. معلوم ٿيو تہ هڪ پيرو **دعوتِ اسلامي** ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ نڪرڻ يا ڪڍيو وڃڻ تي جدا گروپ ناهڻ ۾ **مِن حَيثُ المَجمُوع** (مجموعي حيثيت سان) نقصان جو ئي پاسو غالب آهي.

## فتاويٰ رضويہ جا اهم اِقتِباس

**جيڪڏهن** سچ پڇيو تہ اهڙا ديني ڪم جنهن سان مسلمانن ۾ نفرت جي ڪيفيت پيدا ٿيڻ لڳي ۽ ان جو ڪرڻ فرض، واجب يا **سُنت مُؤڪّده** نہ هجي تہ ان ڪم کي ڇڏي ڏيڻ ئي افضل ۽ مناسب آهي. ❁ جيئن هڪ جاءِ تي منهنجا آقا اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسلمانن جي اِتّحاد جي اهميت کي اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ نقل ڪن ٿا: ”ماڻهن جي تاليفِ قَلبِي (يعني دلجوئي) ۽ انهن کي مُجتَمع (يعني مُتَّحِد) رکڻ جي لاءِ **افضل کي ڇڏي ڏيڻ** انسان جي لاءِ جائز آهي تہ جيئن ماڻهن کي نفرت نہ ٿئي. جيئن تہ نبي ڪَرِيم، رؤفُ رَّحيم عَلَيهِ اَفضَلُ الصَّلوٰة والتّسلِيم **جن بَيتُ الله** شريف جي عمارت کي انهيءَ لاءِ قريشن جي بُنيادن تي قائم رکيو تہ جيئن جيڪي ماڻهو نوان نوان مسلمان ٿيا آهن، اهي ڪنهن غَلط فهميءَ ۾ مبتلا نہ ٿي پون. (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 680 مُلَخصاً) ❁ **تَنفِيرِ مُسلِمِين** (يعني مسلمانن کي نفرت ۾ مبتلا ٿيڻ) کان بچڻ جي لاءِ ضرورت موجب مُستَحَب کي ڇڏي ڏيڻ جو حڪم آهي. جيئن تہ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **مسلمانن جي وچ**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

۾ پيار ۽ مَحَبَّت جي فضا قائم رکڻ جي لاءِ هڪ مدني اصول بيان ڪندي فرمائن ٿا: مُستَحَب ڪم ڪرڻ ۽ غير اَوْليٰ (غير اهم) ڪم ڇڏڻ تي مَخلُوق جي خاطرداري ۽ ماڻهن جي رعايت کي اهم سمجهي، فِتني ۽ نفرت، ايذاء ۽ وَحشت جو سبب ٿيڻ کان گهڻو بچي. (فتاويٰ رضويہ ج 4 ص 528) ❁ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه شَرِيعَت پاڪ جو قاعدو بيان ڪندي فرمائن ٿا: دَرْءُ الْمَفَاسِدِ اَهَمُّ مِنْ جَلْبِ الْمَصَالِحِ يعني خرابين جا سبب ختم ڪرڻ، خوبين جي سببن حاصل ڪرڻ کان اهم آهن. (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 551)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنهن تَشَخُّص تبديل ڪري ڇڏيو!

رهيا اهي جيڪي دعوتِ اسلامي جو تَشَخُّص (يعني سُڃاڻپ) ڇڏي چڪا ۽ بنا شرعي اجازت جي دعوت اسلامي جي ڪنهن قسم جي مخالفت بہ نہ ٿا ڪن ۽ **غِيبَتُن، تُهمَتُن، بَدگُمانِيُن** وغيره ۾ پوڻ کان بغير، پنهنجي ترڪيب سان ديني خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، **الله** تعاليٰ انهن جي ڪاوشن کي قبول فرمائي. پر اهي جيڪي تَشَخُّص تبديل ڪري الڳ گروپ ناهڻ کان پوءِ شرعي اجازت کانسواءِ **دعوتِ اسلامي** جي مُخالفت ڪري، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري هن مدني تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي ناپاڪ ڪوششن ۾ مصروف هجن، انهيءَ مقصد جي لاءِ غِيبَتن، تُهمَتن، بهتانن لڳائڻ، بَدگُمانِين، عيب کولڻ، خراب لقبن، اِلزام هڻڻ ۽ چُغلين کي پنهنجو هٿيار بڻائن ۽ ان کي پنهنجي زُعمِ فاسد (يعني

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

بري خيال) ۾ دين جي وڏي خدمت تصوُّر ڪن، اهڙا پنهنجو پاڻ کي سنيالين جو اها دين جي خدمت ناهي، انتهائي درجي جي خراب حرڪت ۽ شَرعِي طور تي انهن ناجائز ڪمن کي ڪري پنهنجي **اَعمَال نامي** کي گناهن سان پرڻ آهي. ائين ئي جيڪو تَشَخُّص (يعني سُڃاڻپ) بَرقَرار رکندي بہ بِنا شَرعِي اِجازت جي دعوتِ اسلامي جي مخالفت ڪندو ۽ ماڻهن کي مُتَنَفِّر ڪري (يعني نفرت ڏياري) **دعوتِ اسلامي** ۽ ان جي طريقي ڪار کي نقصان پهچائڻ ان جو مقصد هوندو تہ اهو بہ ناجائز ڪم ڪرڻ وارو ٿيندو.

## بري ڳالهہ ڦهلائڻ حرام آهي

**ڏٺو اهو ويو آهي تہ جڏهن ڪو شخص ڪنهن جي مخالفت** ڪندو آهي تہ هرويرو ان تي تنقيد ڪندو آهي، ان جا عيب ڪڍندو ۽ ان جي خامين ۽ خطائن کي مشهور ڪندو رهندو آهي. (پر جنهن کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ بچائي) جڏهن اهي پاڻ ۾ نهيل هئا تہ ان جي پگهر مان بہ ان کي خوشبوءِ ايندي هئي، هاڻي ناراض ٿيڻ کان پوءِ ان جو عطر بہ بدبودار محسوس ٿئي ٿو. ياد رکو! ڪنهن مُبلِغ، خاص ڪري ڪنهن سُني عالم جي ڪا خامي يا خطا کي بنا شرعي مَصلحت جي ڪنهن تي ظاهر ڪرڻ يا ماڻهن ۾ ان جي بري ڳالهہ ڦهلائڻ، نيڪي جي دعوت ۽ اسلام جي تبليغ جي ڪم جي مُعاملي ۾ تمام گهڻو نقصان وارو عمل ۽ آخرت ۾ عذاب جو سبب آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رَضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 29 صفحي 594 تي فرمائن ٿا: ۽ اِهلسُنّت کان تَقدِير اِلٰاهي سان ڪا اهڙي فاحش

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

لغزش (يعني وڏي غلطي) واقع ٿئي ته ان جو اخفاء (يعني لڪائڻ) واجب آهي جو مَعاذالله (عَزَّوَجَلَّ) ماڻهو انهن سان بد اِعتِقاد ٿيندا ته جيڪو نفعو انهن جي تقرير ۽ تحرير سان اسلام ۽ سُنّت کي ٿيندو هو ان ۾ رُڪاوَٽ واقع ٿيندي. ان جي اِها اِشاعت "اِشاعتِ فاحِشَه" (يعني بري ڳالهه ڦهلائڻ) آهي ۽ اِشاعتِ فاحشه قُرآنِ عَظِيم جي نصّ مطابق حرام آهي. قَالَ اللهُ تعالٰي (يعني الله تعالي فرمائي ٿو):

اِنَّ الَّذِيْنَ يُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِيْعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ (پ 18، النور 19)

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي ماڻهو گهرن ٿا ته مسلمانن ۾ بُري ڳالهه جو چرچو پکيڙجي انهن جي واسطي دردناڪ عذاب آهي دُنيا ۽ آخرت ۾.

## دعوتِ اسلامي کان الڳ ٿيڻ وارن لاءِ اِتمامِ حُجت

جيڪي اڄ تائين مون سان ناراض ٿي يا مرڪزي مَجلِسِ شُوريٰ کان رُسي جدا ٿي ويا، انهن مان جن جن جي منهنجي ڪري ڪا دِل آزاري يا ڪنهن به قسم جو حَق ضايع ٿي ويو هجي ته انهن کان هٿ ٻڌي معافي جو طلبگار آهيان، ٻئي غلام زَاده، نِگران ۽ شُوريٰ جا اراڪين به معافي گهري رهيا آهن، مون کي ۽ انهن کي خُدا ۽ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا لاءِ معاف، معاف ۽ معاف فرمائيندا. اسان سيني به خُدا ۽ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا خاطر، انهن سيني کي، جن اسان جا حق تلف ڪيا هجن، انهن کي مُعَاف ڪيو. ناراض ٿي يا اِختلاف ڪري، جنهن پنهنجون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

پنهنجون تنظيمون قائم ڪيون، جدا گروپ ٺاهيا، انهن سيني کي دل کولي دعوت ڏيان ٿو ته الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ وصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واسطي صُلح فرمايو. صرف رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي خاطر مان هر ناراض مسلمان سان بِنا ڪنهن شرط جي به صُلح جي لاءِ تيار آهيان. باقي جيڪي تنظيمي اِختلافن کي مُذاڪري جي ذريعي حل ڪري صُلح ڪرڻ چاهين ٿا، انهن جي لاءِ به دروازا ڪليل آهن، جلدي رابطو ڪريو ۽ مرڪزي مجلسِ شُوريٰ سان اچي ويهو. جيڪڏهن اوهان حُڪم فرمائيندا ته ممڪن صورت ۾ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ شُوريٰ سان گڏ مان به ويهندس. اچو، اچو الله رَبُّ العِزت جي رحمت ۽ تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاهِ عِنايت سان مُتّحد ٿي، شيطان جي مَڪَر ۽ فِريب کي ناڪام بڻايون، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ گڏجي دين جو خوب مَدَني ڪم ڪنداسين.

## جيڪڏهن اوهان دعوتِ اسلامي سان گڏ ڪم ڪرڻ نه ٿا چاهيو ته......

جيڪڏهن ڪو ناراض اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي سان ملي ڪري، مدني ڪم ڪرڻ نه ٿو چاهي ته گهٽ ۾ گهٽ ناراضگيون ئي ختم ڪري، اسان کي مُعافي سان نوازي ڇڏي ۽ ان تي اسان کي اطلاع ڏئي، مسلمان جي دل خوش ڪرڻ جي ثواب جو حَقدار بڻجي جو اهڙي طرح اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ نفرتون ختم ٿينديون، فاصلا ختم ٿيندا ۽ مردود شيطان جو منهن ڪارو ۽ معاف ڪرڻ واري جو منهن اُجارو ٿيندو. هڪ ڀيرو وري ان حديثِ پاڪ جو واسطو ڏئي، اسان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

مُعافِي گهرون ٿا، جنهن ۾ اسان جي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو آهي: ”جيڪو پنهنجي مُسلمان ڀاءُ سان مَعذرت ڪري ۽ اهو (بنا اجازت شرعي) ان جو عذر قبول نہ ڪري تہ ان کي حوضِ ڪوثر تي حاضر ٿيڻ نصيب نہ ٿيندو.“ (اَلمُعجَم الاَوسَط ج 4 ص 376 حديث 6295) ياد رکو! اهڙي قسم جي ڳالهہ ڪرڻ بالڪل مناسب ناهي تہ اِلياس کي اسان وٽ پاڻ اچڻ گهرجي، جيڪڏهن پاڻ نہ ٿو اچي سگهي تہ نگرانِ شوريٰ يا ڪنهن رُڪنِ شوريٰ کي اسان وٽ يا اسان جي فلاڻي ”وڏي“ وٽ موڪلي. اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪرڻ وارن جي باري ۾ اهي وَسوَسا اچي سگهن ٿا تہ اهي صُلح ڪرڻ نہ ٿا چاهين، ان ڪري لَنوائي رهيا آهن، جڏهن اسان تحرير جي صورت ۾ اڳرائي ڪئي آهي تہ پوءِ مخلِصين جي لاءِ رُڪاوَٽ ڪهڙي شيء جي آهي! هر ناراض اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا خاطر اڳتي وڌي ۽ گلي ملن. جيڪڏهن اچي ملڻ نہ ٿا چاهيو تہ ڪنهن بہ رُڪنِ شوريٰ سان گهٽ ۾ گهٽ فون تي ئي رابطو ڪريو.

الله کرے دل میں اُتر جائے میری بات

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## يا الله عَزَّوَجَلَّ! تون گواهہ رهجان

يا ربِّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! تون گواهہ رهجانءِ تہ مان پنهنجن وڇڙيل اسلامي ڀائرن جي لاءِ صلح جو پيغام مشهور ڪري ڇڏيو آهي. اي منهنجا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي ناراض اِسلامي ڀائرن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

جي دِلين ۾ مون مسڪين جي لاءِ رحم داخل فرماءِ تہ اهي مون کي مُعافي جي خيرات ڏئي، مون سان صلح ڪن. **يا الله** عَزَّوَجَلَّ! تون منهنجي دل جي حال کان باخبر آهين تہ هن صلح جي درخواست ۾ منهنجو اصل مقصد صرف ۽ صرف آخرت جو مفاد آهي، مان مرڻ کان اڳ ۾ فقط تنهنجي رضا جي لاءِ هر ناراض مسلمان سان صلح ڪرڻ ۽ پنهنجي رُٺل اِسلامي ڀائرن کي پرچائڻ چاهيان ٿو. **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي خفيہ تدبير کان ڏاڍو ڊڄان ٿو، اي منهنجا پيارا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! تون ڪڏهن بہ مون سان ناراض نہ ٿجان. منهنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! منهنجو ايمان هڪ گهڙي جي ڪَروڙين حصي جي لاءِ بہ ڪڏهن مون کان جدا نہ ٿئي. **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! منهنجي ۽ منهنجي رُٺل سيني اِسلامي ڀائرن سميت، هر دعوتِ اسلامي واري ۽ واريءَ جي بنا حِساب جي بخشش فرماءِ. **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي، سڄي اُمت جي مَغفِرت فرماءِ. **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! اسان جي صفن ۾ اِتحاد پيدا فرماءِ. **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! اسان کي ذهني هم آهنگي نصيب فرماءِ **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! اسان کي عهدي جي طلب کانسواءِ گڏجي اخلاص سان دين جي خدمت جي سعادت عنايت فرماءِ.

سنّتيں عام کريں دين کا ہم کام کريں
نيک ہو جائيں مسلمان مدينے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَي الله! اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

# غيبت جي خلاف اعلانِ جنگ

آهہ! "**غيبت**" اُمت جي اڪثريت کي نهايت ئي سختي سان پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏيو آهي. شيطان **غيبت** جي ذريعي ڀرپور طريقي سان ماڻهن کي جهنّم ڏانهن وٺي پيو وڃي. هوشيار! **غيبت** جي خلاف اعلانِ جنگ ڪري هڪدم مورچن تي ڄمي ويهي رهو! جنهن جنهن اڄ تائين جيتريون بہ **غيبتون** ڪيون آهن، انهن جي توبهہ ۽ معافي تلافي ۾ لڳي وڃو، پڪو ارادو ڪيو تہ "**نہ غيبت ڪنداسين نہ ٻڌنداسين**" **اِنْ شَاءَ الله** عَزَّوَجَلَّ. افسوس صد ڪروڙ افسوس! **غيبت** اسان جي مدني ماحول کي اَڌوهي وانگر کوکلو ڪري رهي آهي، ان ڪري **دعوت اسلامي** جي سيني ذميدار **اسلامي ڀائرن** ۽ **اِسلامي ڀينرن** جي خدمتن ۾ منهنجي هٿ ٻڌي "**مَدنِي اِلتجا**" آهي تہ **غِيبت** جي خلاف اعلانِ جنگ جي سلسلي ۾ **غِيبتن** جي دروازن تي تالا لڳائيندا وڃو. اڄ تائين جيڪي بہ اوهان جي ذميداري دؤران، مدني ماحول کان پري ٿي ويا، انهن جي معاملي ۾ 112 ڀيرا سوچيو تہ ڪٿي ائين تہ ناهي جو انهن اوهان جون **غيبتون** ڪيون هجن ۽ اوهان کي ڪاوڙ اچڻ جي ڪري يا توهان پاڻ انهن جون **غيبتون** ڪيون هجن، ان سبب جي ڪري اهي دل لاهي وڃي گهر وينا هجن. جيڪڏهن ائين آهي تہ سنيون سُنيون **نيّتون** ڪري، پنهنجي ربّ اڪبر عَزَّوَجَلَّ جي رضا خاطر جلد کان جلد، پر انهن کي گهرائي نہ، پاڻ انهن وٽ وڃي، هٿ ٻڌي پيرين پئي، اي ڪاش! روئي روئي معافي تلافي جي ترڪيب ٺائي، انهن کي مڃائي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

راضي ڪري پنهنجي سيني سان لڳايو. بلڪ هر وچڙيل ڪي ڳولي، ان وٽ پاڻ وڃي هٿ ٻڌي، مِنٿون ميڙون ڪري، انهن کي وري مدني ماحول ۾ وٺي اچو ۽ اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي انهن سيني کي وري سنّتن جي خدمت ۾ مصروف ڪريو. (جن تي ڪا تنظيمي ذميداري ناهي، اهي ٻه ائين ئي ڪن. باقي جن تي تنظيمي پابندي لڳل هجي ته انهن کي نه ڇيڙيو، انهن جي باري ۾ وڏا ذميدار جيڪي تنظيمي فيصلو ڪن ان تي عمل ڪريو)

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا ہے — اُمّت پہ تری آ کے عجب وقت پڑا ہے
چھوٹوں میں اطاعت ہے نہ شفقت ہے بڑوں میں — پیاروں میں محبت ہے نہ یاروں میں وفا ہے
جو کچھ ہیں وہ سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتُوت — شکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت کا گِلہ ہے
دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت — سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے
ہم نیک ہیں یا بد ہیں پھر آخر ہیں تمہارے — نسبت بہُت اچّھی ہے اگر حال بُرا ہے

تدبیر سنبھلنے کی ہمارے نہیں کوئی
ہاں ایک دُعا تیری کہ مقبولِ خدا عزوجل ہے

## مون اِلياس قادري کي معاف ڪيو

سيني اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي هٿ ٻڌي عاجزانه عرض ڪريان ٿو ته جيڪڏهن مون، پڻ غُلام زَادن، نِگران ۽ اَرَاڪينِ مَرڪزِي مَجلِسِ شُورِيٰ مان، جنهن جنهن اوهان مان ڪنهن جي ٻه غيبت ڪئي هجي، تُهمت هنئي هجي، دڙڪا ڏنا هجن، ڪنهن طرح سان دل آزاري ڪئي هجي ته مون کي ۽ انهن کي مُعاف، مُعاف ۽ مُعاف فرمايو. جان ۽ مال، اِهل ۽ عَيال، عِزّت ۽ آبرو ۾ دنيا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

جي اندر جيڪي بہ ننڍي کان ننڍا ۽ وڏي کان وڏا **حُقُوقُ العِباد** (يعني ٻانهن جا حق) تصوُّر ڪري سگهجن ٿا، فرض ڪريو تہ اهي حق مون، غلامزادن، نگران ۽ **اراڪينِ شوريٰ** اوهان جا تلف (يعني ضايع) ڪري ڇڏيا آهن، انهن سيني حقن کي ذهن ۾ رکندي، اسان جي سبب کان تلف ٿيل حق مُعَاف، مُعَاف ۽ مُعَاف فرمائي، عظيم ثواب جا حقدار بڻجو. هٿ ٻڌي **مدني اِلتجا** آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو دل جي گهرائي سان چئي ڇڏيو: "**مون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خاطر مُحمَّد اِلياس عطار قادري رضوي، غلامزادن، نگران ۽ اراڪينِ شوريٰ کي معاف ڪيو.**" اسان سيني بہ پنهنجي سيني ننڍين وڏين حق تلفيون ڪندڙن کي **اللّٰه** ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا خاطر معاف ڪيو.

## قرض وارن کي مدني اِلتجا

**جنهن جو مون** تي قرض هجي يا مون کا شيءِ اُڌاري ورتي هجي ۽ واپس نہ ڪئي هجي تہ هو **دعوتِ اسلامي** جي مرڪزي مَجلسِ شوريٰ جي **نگران يا غلامزادن** سان رجوع ڪري، جيڪڏهن وصول ڪرڻ نہ ٿو چاهي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضا خاطر معافي جي خيرات سان نوازي، آخرت جي ثواب جو حقدار بڻجي. جيڪي ماڻهو منهنجا **قرضدار** آهن، انهن کي مون پنهنجا سڀ ذاتي **قرض مُعاف ڪيا.** يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے حساب جُرم
دیتا ہوں واسِطہ تجھے شاہِ حجاز کا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَي الله ! اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گونگيءَ ڳالهائڻ لڳي!

**غيبت ڪرڻ ۽ ٻُڌڻ جي عادت ڪڍڻ**، نمازن ۽ سُنّتن جي عادت بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** سان هر دم وابستہ رهو. هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت فرمايو. سُنّتن جي تربيت جي لاءِ **مدني قافلن** ۾ **عاشقان رسول** سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو. ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ **مدني انعامات** جي مطابق عمل ڪري، روزانو فِڪر مدينہ جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مَدَني مهيني جي 10 تاريخ تائين پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو. اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ **مدني بهار** پيش ڪجي ٿي: ضلع خوشاب (پاڪستان) جي ڪنهن ڳوٺ ۾ **هڪ اسلامي ڀيڻ** جي زبان هڪدم بند ٿي وئي. ڪنهن بہ **علاج مان فائدو نہ ٿيو**. علاج جي غرض سان ان کي **بابُ المدينہ** (ڪراچي) آندو ويو، هتي بہ ڊاڪٽري علاج فائديمند نہ ٿيو. ان جي زبان بند ٿيندي اٽڪل 6 مهينا گذري چڪا هئا. ان کي تبليغِ **قرآن ۽ سُنَّت** جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ جي تہ خاني ۾ هر آچر تي منجهند جو تقريباً اڍائي بجي ٿيڻ واري **اسلامي ڀينرن** جي سنّتن ڀريي اِجتماع ۾ حاضري جي سعادت حاصل ٿي. اتي هڪ اسلامي ڀيڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

**اِنفرادي ڪوشش** ڪندي مسلسل 12 اجتماعن ۾ حاضري ڏيڻ جي لاءِ ان کي راضي ڪيو. لاڳيتو شرڪت ڪندي 8 رَمضَان المبارڪ 1430ھ ۾ ان جو ڇهون اجتماع هو. ان اجتماع جي پڄاڻي تي جڏهن **صلوٰة و سلام** پڙهيو ويو ان دوران **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ اوچتو اها **گونگي اسلامي ڀيڻ** ڳالهائڻ لڳي!

حضرتِ شَبّير و شَبَّر کے طفیل

ٹال ہر آفت اے نانائے حُسین

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 |
| مدني آقا جن جو عفو ۽ درگذر | 1 |
| حساب ۾ آساني جا ٽي سبب | 2 |
| جنتي محل | 3 |
| معاف ڪرڻ سان عزت وڌندي آهي | 3 |
| معزز ڪير؟ | 3 |
| جيڪو معاف ناهي ڪندو ان کي معاف نہ ڪيو ويندو | 4 |
| دنيا ۽ آخرت جا افضل اخلاق | 4 |
| معاف ڪريو معاف ڪيا ويندؤ | 5 |
| معاف ڪرڻ وارن جي بنا حساب جي بخشش | 5 |
| قاتلاڻي حملي جي ڪوشش ڪرڻ واري کي معاف ڪري ڇڏيائون | 5 |
| ظلم ڪرڻ وارن جي لاءِ هدايت جي دعا | 6 |
| جادو ڪرڻ واري سان درگذر ڪرڻ | 7 |
| شان مصطفيٰ | 7 |
| روزانو ستر ڀيرا معاف ڪريو | 8 |
| ڳارين وارن خطن تي اعليٰ حضرت جو عفو ۽ درگذر | 8 |
| هڪ اهم مدني وصيت | 9 |
| فتاويٰ رضويہ جا اهم اقتباس | 12 |
| جنهن تَشَخص تبديل ڪري ڇڏيو! | 13 |
| بري ڳالهہ ڦهلائڻ حرام آهي | 14 |
| دعوتِ اسلامي کان الڳ ٿيڻ وارن لاءِ اِتمامِ حُجت | 15 |
| جيڪڏهن اوهان دعوتِ اسلامي سان گڏ ڪم ڪرڻ نہ ٿا چاهيو تہ.. | 16 |
| يا الله عَزَّوَجَلَّ! تون گواهہ رهجان | 17 |
| غيبت جي خلاف اعلانِ جنگ | 19 |
| مون اِلياس قادري کي معاف ڪيو | 20 |
| قرض وارن کي مدني اِلتجا | 21 |
| گونگيءَ ڳالهائڻ لڳي! | 22 |